مهراڻ سيريز

نئين نصاب مطابق

مهراڻ

# درسي
# سنڌي ڪتاب
ٻئين ڪلاس لاءِ

## ۽ ورڪ بُڪ
## سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن سان گڏ


ليکڪ

**شيخ نديم تصور**

M.A (Sindhi), M.A (Eco:),M.Ed.



زم زم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي ®

SCIENCE PUBLICATIONS


Colourbox

# انتباهہ

هن ڪتاب جا مڪمل حق پبلشر وٽ محفوظ آهن.
هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي جي مڪمل طور تي جزوي لحاظ سان نقل ڪرڻ واري جي خلاف ڪاپي رائيٽ ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

**ناشر**

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي®
ٽريڊ مارڪ (مهراڻ سيريز) رجسٽرڊ

**قانوني مشير**

ذوالفقار علي شيخ

| | |
|---|---|
| ڪتاب | مهراڻ سنڌي درسي ڪتاب |
| ليکڪ | شيخ نديم تصور<br>M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed: |
| معاون | وڪيلہ گل M.A (Sindhi), B.Ed: |
| ڪمپوزنگ | عمران ميراڻي ۽ عديل احمد دايو |
| ڊزائيننگ | آصف ڪمپوزرس لکي |
| پبلشرز | زمزم سائنس پبليڪيشنز |

# اسٽاڪسٽ

**نيو مهراڻ بُڪ اسٽور** نم جي چاڙهي سکر 071-5626093

**مهراڻ بُڪ سينٽر** شاهي بازار سکر 071-5624790 071-5627774

سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر جي سيني دڪانن تي بارعايت دستياب آهي.

# فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | سائينءَ جي ساراهہ | 5 |
| 02 | الله سائينءَ جون نعمتون | 9 |
| 03 | اسان جا نبي سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ | 12 |
| 04 | نعتِ رسولِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ | 15 |
| 05 | پاڙيسري | 19 |
| 06 | حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي بهادري | 22 |
| 07 | منهنجي امڙ | 25 |
| 08 | ايمانداري | 29 |
| 09 | ٻين جي مدد ڪرڻ | 32 |
| 10 | گلاب جو گل | 35 |
| 11 | گڏجي ڪم ڪرڻ | 38 |
| 12 | سَچُ | 41 |
| 13 | قائد اعظم محمد علي جناح رحہ | 44 |
| 14 | حيدرآباد جو سير | 47 |
| 15 | سِجُ | 51 |
| 16 | چنڊُ | 55 |
| 17 | علامہ اقبال رحہ | 59 |
| 18 | ڳوٺ جو سير | 63 |
| 19 | سلڇڻو ٻار | 66 |
| 20 | لانونئڙو | 70 |
| 21 | چڱيون عادتون | 73 |

# فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 22 | ٻوٽا ۽ ٻاڄيون | 76 |
| 23 | گرمي | 79 |
| 24 | ٻج پرولي | 82 |
| 25 | صحت ۽ صفائي | 85 |
| 26 | جانور | 89 |
| 27 | دعا | 92 |



Colourbox

سبق 1

# سائينءَ جي ساراهه



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سدا | هميشه |
| نمايون | جهڪايون |
| اُپايو | پيدا ڪيو |
| بي شمار | لاتعداد |
| بي ملهيون | جن جي قيمت نه هجي |
| سندس | هن جي |
| سگهه | طاقت |
| يادگيري | تات |

| | | | |
|---|---|---|---|
| پڻ | ٻه | تان | اجان |
| سارو | سڄو | زمين | ڌرتي |
| ضروري | لازم | سو | اهو |

## شعرن جي تشريح

بيت: ڌڻيءَ جا اسين گيت ڳايون سدا
اڳيان تنهنجي سر پڻ نمايون سدا

سمجهاڻي: شاعر محمد صديق ”مسافر“ چوي ٿو ته اسين سدائين پنهنجي الله پاڪ جا ئي گيت ڳائيندا آهيون ۽ ان جي اڳيان ئي

پنھنجو سر جھڪائيندا آھيون.

بيت: اپايو جنھين اھي سارو جھان
ڪيو آھي پيدا زمين آسمان

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر محمد صديق ”مسافر“ چوي ٿو تہ ھي سارو جھان الله سائينءَ پيدا ڪيو آھي.

ھي زمين ۽ آسمان بہ الله سائينءَ پيدا ڪيا آھن.

ھيءَ زمين ۽ آسمان بہ الله سائينءَ پيدا ڪيو آھي.

بيت: پکي، جيت، ماڻھو، مرون بي شمار
سج ۽ چنڊ تارا، ھزارين ھزار

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر محمد صديق ”مسافر“ چوي ٿو تہ پکي، جيت، ماڻھو، مرون، سج، چنڊ ۽ ستارا جيڪي ھزارين ۽ لکين آھن سيني کي الله سائينءَ پيدا ڪيو آھي.

بيت:

ھوا باھ پاڻي ضروري شيون
اپايون اٿس جي مِلن بي ملھيون

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر محمد صديق ”مسافر“ چوي ٿو تہ ھوا باھ، پاڻي تمام ضروري شيون آھن، انھن شين جو ڪو ملھ ئي ناھي. اھي بي ملھيون آھن انھن کي الله سائينءَ پيدا ڪيو آھي.

بيت: وڏائيءَ سندس جا وڏا ٿيا بيان
نہ طاقت رکي ٿي اسان جي زبان

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر محمد صديق ”مسافر“ چوي ٿو تہ الله سائينءَ جو شان تمام وڏو آھي. اسان جي زبان ۾ ايتري طاقت

ناهي جو الله سائينءَ جي تعريف ڪري سگھون.

بيت: اسان کي ڏئي شال، سگھہ سو ڏڏي
ڪريون يادگيري سندس تان گھڻي

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعر محمد صديق "مسافر" چوي ٿو تہ شال اسان کي الله سائين طاقت ڪري جو اسان پنھنجي رب کي ڏينھن رات ياد ڪريون ۽ الله سائينءَ جي عبادت ڪريون.

## مشق

**(ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. اسان کي ڪنھن جي اڳيان سِر نمائڻ گھرجي؟

ج. اسان کي اَلله تعاليٰ جي اڳيان سِر نمائڻ گھرجي.

2. هي سارو جھان ڪنھن اُپايو آهي؟

ج. هي سارو جھان اَلله تعاليٰ اُپايو آهي.

3. زمين، آسمان ڪنھن پيدا ڪيا آهن؟

ج. زمين، آسمان اَلله تعاليٰ پيدا ڪيا آهن.

4. ڇا هوا، باهہ ۽ پاڻي ضروري شيون آهن؟

ج. ها،هوا، باهہ ۽ پاڻي ضروري شيون آهن.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. ڏٽيءَ جا اسين گيت ڳايون سدا.
2. اُپايو جنهين آهه سارو جهان.
3. پکي، جيت، ماڻهو، مرون بي شمار.
4. نہ طاقت رکي ٿي، اسان جي زبان.

## ج هيٺيان لفظ صحيح ڪري ٻيهر لکو.

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٿدا | سدا | ماڙهو | ماڻهو |
| ذمين | زمين | عُپايو | اُپايو |
| عاسمان | آسمان | زروري | ضروري |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اڳيان | پويان | باهر | پاڻي |
| پکي | جانور | آسمان | زمين |
| سج | چنڊ | ضروري | غيرضروري |

# الله سائينءَ جون نعمتون




## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ٽمڪڻ | چمڪڻ | جهرمر | ٽم ٽم ڪرڻ |
| ڏيک | نظارو | نوازيو | عطا ڪيو |
| ڪارناما | عظيم ڪم | سرانجام | ڪم پورو ڪرڻ |
| اپائين | پيدا ڪرين | نعمتون | انعامَ بخششون |
| مهربانيون | عنايتون | سهڻو | خوبصورت |
| عقل | ڏاهپ | ياچيون | سبزيون |
| ميوو | ثمر | چانڊوڪي | روشني |

## خلاصو

اسان سڀني کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي. هيءَ زمين ۽ آسمان بہ الله سائينءَ ٺاهيا آهن. رات جو آسمان تي چنڊ جي چانڊوڪي ۽ تارن جي جهر مر جو ڏيک ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي. سج اڀرڻ سان اُس نڪري ٿي ۽ اس جي ڪري گرمي ٿئي ٿي گرميءَ تي وري پوکون پچن ٿيون. الله سائينءَ اسان کي درياءِ

سمنڊ، جبل ۽ ٻيلن سان نوازيو آهي. الله سائينءَ انسان کي سوچ ۽ عقل ٻہ ڏنو آهي. انهيءَ عقل جي ڪري انسان وڏا وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. هن زمينون آباد ڪيون آهن، انسان پنهنجي عقل سان پڪا گهر ۽ پڪا رستا ٺاهيا آهن.

انسان ڪيترائي ڪم ڪري ٿو، هاري زمين مان ان ۽ ڀاڄيون اپائن ٿا ۽ مزور اسان لاءِ مشينون، دوائون، ڪپڙو ۽ ٻيو گهڻو سامان ٺاهن ٿا. اسان کي گهرجي تہ مالڪ جي انهن نعمتن جو شڪر ادا ڪريون ۽ انهن جي سنڀال ڪريون.

## مشق

**ا** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسان سڀني کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟

ج. اسان سڀني کي الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي.

2. زمين ۽ آسمان ڪنهن ٺاهيا آهن؟

ج. زمين ۽ آسمان اَلله سائينءَ ٺاهيا آهن.

3. چنڊ ۽ تارا ڪنهن ٺاهيا آهن؟

ج. چنڊ ۽ تارا الله تعاليٰ ٺاهيا آهن.

4. آسمان ۾ رات جو ڪير ٽمڪن ٿا؟

ج. آسمان ۾ رات جو تارا ٽمڪن ٿا.

5. انسان پنهنجي عقل سان ڇا ڪيو آهي؟

ج. انسان پنهنجي عقل سان پڪا گهر ۽ پڪا رستا ٺاهيا آهن.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. رات جو آسمان تي ___________ ڪيڏو نه سهڻو چمڪي ٿو.
(i) سج (ii) چنڊ✓ (iii) ستارو

2. چنڊ جي چانڊوڪي ڪيڏي نه ___________ هوندي آهي.
(i) وڻندڙ✓ (ii) اڻ وڻندڙ (iii) خراب

3. ڏينهن جو ___________ اپرندو آهي.
(i) ستارو (ii) چنڊ (iii) سج✓

4. الله سائينءَ انسان کي سوچ ۽ ___________ به ڏنو آهي.
(i) پيسو (ii) عقل✓ (iii) رُتبو

5. ___________ ڪيترائي ڪم ڪن ٿا.
(i) انسان✓ (ii) حيوان (iii) پکي

## ج هيٺيان خال ڀريو .

1. رات جو ___آسمان___ تي چنڊ ڪيڏو نه سهڻو چمڪي ٿو.
2. ___سج___ جي ڪري اُس نڪري ٿي.
3. تارن جي جهرمر جو ___ڏيک___ ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي.
4. سيئي ___انسان___ هڪ ٻئي جي ڪم اچن ٿا.
5. ___عقل___ سان انسان وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن.

## د ساڳي معنيٰ وارا لفظ تير سان ملايو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| زمين | سمجهه | زندگي | پيدا ڪيا |
| عقل | ڌرتي | سنڀال | حياتي |
| الله | ڌڻي | اپايا | حفاظت |

سبق 3

# اسان جا نبي سڳورا ﷺ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خاندان | ڪٽنب | ڪين | انهن کي |
| پالڻ | نپائڻ | جيسين | جيسيتائين |
| ادب | احترام | شفقت | مهرباني |
| وڃائيندا | ضايع ڪندا | بت پرستي | بتن جي عبادت ڪرڻ |
| ورهين | سالن | ٻچڙن | ٻرن |
| پوڄا | عبادت | بندگي | عبادت |
| جهان | جڳ | پيغام | نياپو |
| وفات | موت | سندن | انهن جو |
| جيئرو | زنده | عادت | خصلت |
| نفرت | حقارت | ڏس | خبر، پتو |

## خلاصو

اسان جا پيارا نبي صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن مڪي شريف ۾ ڄاوا هُئا. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم جن اسان جا آخري نبي آهن. پاڻ قريش خاندان مان آهن. سندس پيدائش عربستان جي شهر مڪي شريف ۾ ٿي. پاڻ سڳورن جي ڄمڻ کان پهرين سندن والد حضرت عبدالله گذاري ويو. اڃان پاڻ ٻن مهينن جا هئا جو ڪين نپائڻ لاءِ ٻيبي حليمہ رضی اللہ عنہا جي حوالي ڪيو ويو. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم جڏهن ڇهن سالن جا ٿيا تہ سندس والده ٻيبي آمنہ پڻ وفات ڪري وئي. ان بعد

سندن سنيال ڏاڏي حضرت عبدالمطلب ڪئي ۽ ڏاڏي جي وفات بعد پاڻ سڳورا پنهنجي چاچي حضرت ابو طالب جي سنڀال هيٺ آيا. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم ۾ ننڍپڻ کان ئي سنيون عادتون هيون. غريبن، يتيمن ۽ غلامن جو خاص خيال رکندا هئا. سندن غلام حضرت زيد بن حارث جو چوڻ هو تہ پاڻ سڳورن ڪين ڪڏهن بہ دڙڪو نہ ڏنو.

## مشق

**① هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. پاڻ سڳورن ﷺ جي والد جو نالو ڇا آهي؟
ج. پاڻ سڳورن ﷺ جي والد جو نالو حضرت عبدالله رضہ آهي.

2. پاڻ سڳورن ﷺ جي والد ڪڏهن وفات ڪئي؟
ج. پاڻ سڳورن ﷺ جي والد سندن جمڻ کان ٽي مهينا اڳ وفات ڪئي.

3. پاڻ سڳورن ﷺ جي والده جونالو ڇا آهي؟
ج. پاڻ سڳورن ﷺ جي والده جو نالو حضرت بيبي آمنہ آهي.

4. پاڻ سڳورن ﷺ جي امڙ ڪڏهن وفات ڪئي؟
ج. پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ڇهن سالن جا ٿيا تہ سندن امڙ وفات ڪئي.

5. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟
ج. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاڏي جو نالو حضرت عبدالمطلب آهي.

6. پاڻ سڳورا ﷺ ماڻهن سان ڪهڙي نموني هلندا هئا؟
ج. پاڻ سڳورا ﷺ هر ڪنهن سان پيار محبت سان هلندا هئا، وڏن جو ادب ڪندا هئا، ننڍن سان شفقت سان پيش اِيندا هئا.

## ب هيٺين مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مکي | اولاد | سچ | رحمدل |
| بني هاشم | عادتن | وقت | |

1. پاڻ ﷺ ننڍي هوندي کان ئي رحمدل هئا.
2. پاڻ ﷺ مکي ۾ ڄاوا هئا.
3. سندن خاندان بني هاشم هو.
4. پنهنجي يتيم ڀائٽي جي اولاد کان به وڌيڪ خدمت ڪيائين.
5. پاڻ ﷺ هميشه سچ ڳالهائيندا هئا.
6. ننڍي هوندي کان ئي سٺين عادتن جا مالڪ هئا.
7. راند روند ۾ پنهنجو وقت نه وڃائيندا هئا.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو

1. حضرت محمد ﷺ جن مديني پاڪ ۾ ڄاوا هئا. غ
2. پاڻ ﷺ قريش جي بني هاشم خاندان ۾ پيدا ٿيا. ص
3. پاڻ ﷺ ڇهن سالن جا ٿيا ته سندن ڏاڏو وفات ڪري ويو. غ
4. حضرت ابو طالب جيسين جيئرو هو پنهنجي يتيم ڀائٽي جي هر خدمت ڪيائين. ص

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مرڻ | جيئڻ | سکيو | ڏکيو |
| پار | جوان | نفرت | محبت |
| دنيا | آخرت | رحمدل | ظالم |

سبق 4

# نعت رسول صلى الله عليه وآله وسلم



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| راھ | رستو | | |
| هيڻن | ڪمزورن | | |
| همٿائڻ | همت ڏيڻ | | |
| جوت | روشني | | |
| جلائڻ | ٻارڻ | | |
| الفت | محبت | | |
| حامي | حمايت ڪندڙ | | |
| هادي | هدايت ڪندڙ/ رستو ڏيکاريندڙ | | |
| مظلوم | ظلم سهندڙ | مٽائڻ | ختم ڪرڻ |
| فرق | تفاوت | حق | سچ |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

سچ جي راھ ٻڌائڻ وارو
هيڻن کي همٿائڻ وارو

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اسان کي سچ جي راھ ٻڌائڻ وارو ۽ اسان هيڻن ۽ ڪمزورن کي همٿائڻ وارو اسان جو پيارو نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم آهي.

بيت:

آيو اونداهي دنيا ۾
حق جي جوت جلائڻ وارو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اسان جي پياري نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کان پهريان هن دنيا ۾ جهالت هئي ۽ ناانصافي هئي، تنهنڪري اونداهيءَ ۾ روشني ڪرڻ لاءِ ۽ حق جون ڳالهيون ٻڌائڻ لاءِ اسان جو پيارو نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم هن دنيا ۾ آيو.

بيت:

مسڪينن سان الفت جنهن جي
سڀ ڪي سيني لائڻ وارو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اسان جو پيارو نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم مجبورن ۽ مظلومن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو ۽ ڏکويل ماڻهن کي پيار ڏئي پرچائيندو هو.

بيت:

ذات، قبيلي، رنگ نسل جا
سان فرق مِٽائڻ وارو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اسان جو پيارو نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کان پهريان هر ڪوئي پنهنجي ذات، قبيلي، رنگ ۽ نسل سبب پاڻ کي اعليٰ ۽ ٻين کي گهٽ سمجهندو هو. اسان جي رسول الله صلي الله عليه وآلہٖ وسلم اهي سڀ فرق ختم ڪري ڇڏيا. سڀني انسانن کي برابريءَ وارو درجو ڏئي ڇڏيو.

بيت:

حامي، هادي، مير محمد ﷺ
مول ساڻ ملائن وارو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اسان جي حمايت ڪندڙ، اسان جي هدايت ڪندڙ اسان جو منڙو محمد صلي الله عليه وآله وسلم آهي، جيڪو اسان کي پياري رب پاڪ سان ملائيندو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سچ جي راهه ٻڌائڻ وارو ڪير آهي؟

ج. سچ جي راهه ٻڌائڻ وارو حضرت محمد ﷺ آهي.

2. هيڻن جو همراهه ڪنهن کي چيو ويندو آهي؟

ج. هيڻن جو همراهه حضرت محمد ﷺ جن کي چيو ويندو آهي.

3. اونداهي دنيا ۾ حق جي جوت ڪنهن جلائي؟

ج. اونداهي دنيا ۾ حق جي جوت حضرت محمد ﷺ جلائي.

4. اسان جا نبي سڳورا ﷺ مسڪينن ۽ مظلومن سان ڪيئن هلندا هئا؟

ج. اسان جا نبي سڳورا ﷺ مسڪينن ۽ مظلومن سان پيار، محبت ۽ شفقت سان پيش ايندا هئا.

### ج هيٺيان خال پريو.

1. سچ جي راهه ٻڌائڻ وارو
2. آيو اونداهي دنيا ۾
3. مسڪينن سان الفت جنهن جي
4. پيار ڏئي پرچائڻ وارو

## د هيٺيان ڪالم ملايو.

| ڪالم الف | ڪالم ب |
| --- | --- |
| سچ جي راھ | جلائڻ وارو |
| مڪسينن سان | همٿائڻ وارو |
| حق جي جوت | الفت جنهن جي |
| هيٺن کي | ٻڌائڻ وارو |

سچ جي راھ ← ٻڌائڻ وارو
مڪسينن سان ← الفت جنهن جي
حق جي جوت ← جلائڻ وارو
هيٺن کي ← همٿائڻ وارو

Colourbox

سبق 5

# پاڙيسري



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| رحم ڪرڻ وارو | رحمدل | پاڙي وارو | پاڙيسري |
| جلدي | ترت | ان طرف | اوڏانهن |
| خبر | اطلاع | واقعي | حادثي |
| مشڪل | ڏکئي | احسانمند رهڻ | ٿورا مڃڻ |
| اجتماع | ميڙ | اهم | خاص |
| رزديڪي | ويجهي | خون | رت |
| يڪدم | هڪدم | خوش | ڏاڍو |

## خلاصو

دڪاندار سجاد ۽ ملازم عابد پاڻ ۾ پاڙيسري دوست آهن، اُهي پاڙي وارن جو انتهائي خيال رکندا آهن.

هڪ ڏينهن سجاد گهڻو هجوم ڏسي اوڏانهن ويو ۽ عابد جي پٽ ناصر کي رستي تي بيهوش پيل ڏٺائين، عادل ترت علاج جي پيتي سان پهرين ناصر جو رت بند ڪيو ۽ پوءِ ان کي اسپتال پهچايو. ناصر جو پيءُ به اسپتال پهتو، ناصر ان وقت تائين هوش ۾ اچي چڪو هو. انهن پاڙي وارن جا ٿورا مڃيا ۽ اهو تسليم ڪيو ته ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هڪڙي پاڙي ۾ رهڻ وارن کي ڇا چئبو آهي؟

ج. هڪڙي پاڙي ۾ رهڻ وارن کي پاڙيسري چئبو آهي.

2. رستي تي ڪير ڪريو پيو هو؟

ج. رستي تي ناصر ڪريو پيو هو.

3. جيڪڏهن ڪنهن جو رت وهي رهيو هجي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ج. جيڪڏهن ڪنهن جو رت وهي رهيو هجي ته پهريان رت بندڪرڻ گهرجي.

4. ترت علاج واري پيتي ڪهڙي ڪم ايندي آهي؟

ج. ترت علاج واري پيتي علاج جي ڪم اِيندي آهي.

5. پاڙي وارن ناصر جي ڪهڙي مدد ڪئي؟

ج. پاڙي وارن مان ڪنهن ناصر لاءِ دوا ورتي ۽ ڪنهن رت ڏنو.

6. عابد پاڙي وارن جا ٿورا ڇو مڃيا؟

ج. عابد پاڙي وارن جا ٿورا ان ڪري مڃيا جو ته پاڙي وارن ناصر لاءِ دوا ورتي ۽ رت ڏنو، تنهن ڪري عابد پٽ کي ڏسي خوش ٿيو.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. سجاد ۽ عابد پاڻ ۾ پاڙيسري ۽ ___دوست___ آهن.
2. هڪ ڏينهن عابد ___دڪان___ تي ويل هو.
3. انهن جي ڏکئي وقت ۾ ___مدد___ ڪندا آهن.
4. ڊاڪٽر صاحب ناصر جو بنا ڪنهن دير جي ___علاج___ ڪيو.
5. گهٽيءَ ۾ ماڻهن جو ___ميڙ___ ڏٺائين.

## د ساڳي معنيٰ وارا لفظ تير سان ملايو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ترت | مشڪل | رت | احسان |
| ذڪئي | واهر | تورو | مڪمل |
| مدد | يڪدم | سچو | خون |

- ترت ← يڪدم
- ذڪئي ← مشڪل
- مدد ← واهر
- رت ← خون
- تورو ← احسان
- سچو ← مڪمل

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| دوست | دشمن | بَند | کُليل |
| خاص | عام | رحمدل | ظالم |
| ڏکيو | سکيو | خوش | اداس |

سبق 6

# حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي بهادري

## ڏکين لفظن جي معنيٰ



| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پرورش | پالنا |
| ڄاوا | پيدا ٿيا |
| بهادر | پهلوان |
| ڪنبو | خاندان |
| گستاخي | بي ادبي |
| حيران | حيرت ۾ پئجڻ |
| بي ادبي | گستاخي |
| بدلو | انتقام |
| قصا | واقعا |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| هڪدم | ترت |
| دسيو | ليٽايو |
| قتل | خون ڪرڻ |
| لڄي | شرمندو |
| اخلاق | عادت |

## خلاصو

حضرت علي ڪرم الله وجههٗ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جا سؤٽ هئا. پاڻ ڪعبة الله شريف ۾ ڄاوا هئا. پاڻ ڪيترن ئي جنگين ۾ الله جي راضپي لاءِ حصو ورتو. هڪ جنگ ۾ پاڻ هڪڙي ڪافر کي دسي ڪيس مارڻ تي هئا ته سندس هُن سندن شان ۾ گستاخي ڪئي. پاڻ ان کي ڇڏي ڏنائون. ڪافر ڪانئن ان جو سبب پڇيو ته پاڻ جواب ڏنائون ته مون الله جي راضپي لاءِ توکي ماريو پئي پر بي ادبي بعد اهو ذاتي بدلو ٿي وڃي ها ان ڪري توکي ڇڏيم.

اهو ٻڌي ڪافر لڄي ٿيو ۽ مسلمان ٿيو.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جن نبي سڳورن ﷺ جا چا ٿيندا هئا؟
ج. حضرت علي ڪرم الله وجهه جن نبي سڳورن ﷺ جا سڳا سؤٽ هئا.

2. پاڻ ڪهڙي جاءِ تي ڄاوا هئا؟
ج. پاڻ مڪي شهر ۾ ڪعبة الله شريف ۾ ڄاوا هئا.

3. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جو نڪاح ڪنهن سان ٿيو؟
ج. حضرت علي ڪرم الله وجهه جو نڪاح حضرت بيبي فاطمة الزهريٰ سان ٿيو.

4. حضرت امام حسنؓ ۽ حضرت امام حسينؓ ڪنهن جا پٽ هئا؟
ج. حضرت امام حسنؓ ۽ حضرت امام حسينؓ حضرت علي ڪرم الله وجهه جا پٽ هئا.

5. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ ڇا جي ڪري مشهور هئا؟
ج. حضرت علي ڪرم الله وجهه پنهنجي بهادريءَ جي ڪري مشهور هئا.

6. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ ڪنهن جي رضا لاءِ وڙهي رهيو هو؟
ج. حضرت علي ڪرم الله وجهه الله جي رضا لاءِ وڙهي رهيو هو.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جن ننڍڙي عمر ۾ ئي __اسلام__ قبول ڪيو.
2. حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جن ڏاڍا __بهادر__ هئا.
3. سندن بهادريءَ جا ڪيترائي __قصا__ مشهور آهن.
4. سندن هر جنگ الله جي __رضا__ لاءِ هئي.
5. اهو ٻڌي ڪافر ڏاڍو __لڄي__ ٿيو.

## د اکر ملائي لفظ ٺاهيو:

| | |
|---|---|
| ذ ا ت ي | ذاتي |
| د ش م ن | دشمن |
| د س ي و | دسيو |
| ب ھ ر و | ٻهرو |
| ح ي را ن | حيران |
| س ي ن ي | سيني |

## ر پڙهو، سمجهو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سندس | هن جي، ان جي |
| جملو | سندس بهادريءَ جا ڪيترائي قصا مشهور آهن. |
| ڪيس | هن کي، ان کي |
| جملو | ڪيس حيدر جو لقب ڏنو ويو. |
| ڪانئس | هن کان |
| جملو | ڪانئس دشمن مقابلو ڪرڻ کان ڊڄندا هئا. |
| ڪانئن | هنن کان، انهن کان |
| جملو | ڪافر ڪانئن پڇيو ته اُوهين مون کي معاف ڇو ڪيو. |

سبق 7

# منهنجي امڙ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مرکي | کلي | چين | آرام |
| هنج | گود | منجهه | ان ۾ |
| ٻول | ڳالهيون | ٻاجهارا | مهربان |
| عظمت | وڏائي | ڀانئيان | سمجهان |
| جنت | بهشت | منڙي | پياري |
| جيڏا | جيترا | | |

## شعرن جي تشريح

بيت:

جيجل مون کي لولي ڏي تون
منڙي منڙي ننڊ ڪيان مان

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ هڪ ٻالڪ جي زباني چوي ٿو ته منهنجي پياري امڙ مون کي پيار واري لولي ڏي ته جيئن مان منڙي منڙي ننڊ ڪيان.

بيت:

توکي ڏسي مرکي منهنجو
مون کي ڏاڍو چين ملي ٿو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ هڪ ٻالڪ جي زباني جيجل امڙ کي چوي ٿو ته توکي ڏسڻ سان مون کي خوشي

ٿيندي آهي. خوشيءَ ۾ منهنجو من مرڪندو آهي ۽ مون کي سڪون ملندو آهي.

**بيت:**

تنهنجي هنج هندورو آهي
هر ڪوئي ٿوا ن کي چاهي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" هڪ ٻالڪ جي زباني جيجل امڙ کي چوي ٿو ته توکي ڏسڻ سان مون کي خوشي ٿيندي آهي. خوشيءَ ۾ منهنجو من مرڪندو آهي ۽ مون کي سڪون ملندو آهي.

**بيت:**

تنهنجي پيار ۾ آءٌ سک لهان ٿو
سهڻن خوابن منجهه رهان ٿو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" هڪ ٻالڪ جي زباني جيجل امڙ کي ٿو چوي ته امڙ تنهنجي هنج مون لاءِ هندورو آهي، جنهن ۾ مون کي آرام ٿو اچي وجي ۽ هر ڪوئي پنهنجي جيجل امڙ جي هنج ۾ آرام ڪرڻ ٿو چاهي.

**بيت:**

ٻول منا تنهنجا ٻاجهارا
تنهنجون دعائون جيڏا تارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" هڪ ٻالڪ جي زباني جيجل امڙ کي ٿو چوي ته تنهنجا لفظ ٻه ڪيڏا نه ٻاجهه ۽ شفقت وارا آهن ۽ تنهنجون مون کي ايڏيون دعائون آهن جيڏا آسمان ۾ ستارا آهن، معنيٰ بيشمار دعائون.

**بيت:**

تنهنجي پيرن هيٺان جنت
شال ڪيان مان تنهنجي خدمت

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ هڪ ٻالڪ جي زباني جيجل امڙ کي ٿو چوي ته امڙ تنهنجي پيرن هيٺان جنت آهي ۽ شال مان تنهنجي خدمت ڪري اها جنت حاصل ڪيان.

**بيت:**

تنهنجي ڪهڙي عظمت ڳايان
بعد خدا جي توکي پائيان

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ هڪ ٻالڪ جي زباني جيجل امڙ کي ٿو چوي ته امڙ تنهنجو شان مان ڪيئن بيان ڪيان تون عظيم هستي آهين، خدا کان پوءِ توکي ٿو درجو ڏيان.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. ننڍ ڪرائڻ لاءِ لولي ڪير ڏيندي آهي؟

ج: ننڍ ڪرائڻ لاءِ لولي اَمڙ ڏيندي آهي.

2. سڀ کان گهڻو چين ڪٿي ملي ٿو؟

ج: سڀ کان گهڻو چين ماءُ جي هنج ۾ ملي ٿو.

3. ڪنهن جي هنج هندورو آهي؟

ج: اَمڙ جي هنج هندورو آهي.

4. اسان لاءِ دعائون ڪير گهرندي رهندي آهي؟

ج: اَسان لاءِ دعائون اَمڙ گهرندي آهي.

5. جنت ڪنهن جي پيرن هيٺان آهي؟

ج: جنت اَمڙ جي پيرن هيٺان آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو .

1. جيجل مون کي لولي ڏي ٽون.
2. مون کي ڏاڏو چين ملي ٿو.
3. تنهنجي هنج هندورو آهي.
4. شال ڪيان مان تنهنجي خدمت

## ج اکرملائي لفظ ٺاهيو:

| | |
|---|---|
| ل و ل ي | لولي |
| ا م ا ن | امان |
| ڪ ن ھ ن | ڪنهن |
| س ھ ڻ ن | سهڻن |
| پ ي ر ن | پيرن |
| ع ظ م ت | عظمت |



# ايمانداري

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خلافت | مسلمانن جي بادشاهت | گشت | چڪر |
| لنگهيا | گذريا | وڪرو | وڪڻڻ |
| ايمانداري | ديانتداري | نيث | آخرڪار |
| نيڪ | سٺو | عادل | انصاف وارو |
| گڻ | خاصيت | عزت بخشي | مان ڏنو |
| خلاف | ابتڙ | نتث | آخرڪار |
| وڪڻڻ | فروخت ڪرڻ | نياڻي | ڇوڪري |

**خلاصو**

حضرت عمر رضي الله عنه مسلمانن جا ٻيان خليفا هئا. هو رات جو مديني ۾ گهمندا هئا هڪ رات گهمندي هن هڪ عورت ۽ سندس ڌيءَ جي گفتگو ٻڌي، ڌيءَ الله پاڪ ۽ خليفي جا احوال ڏيندي ان جي مخالفت ڪئي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. حضرت عمر رضہ اسلام جو ڪهڙو نمبر خليفو هو؟

ج. حضرت عمر رضہ اِسلام جو ٻيون نمبر خليفو هو.

2. پاڻ سڳورن ﷺ جا ڪهڙا چار يار هئا؟

ج. پاڻ سڳورن ﷺ جا هي چار يار هئا:

حضرت ابوبڪرؓ حضرت عُمرؓ حضرت عُثمانؓ ۽ حضرت عليؓ

3. حضرت عمر فاروق روز رات جو ڇو گشت ڪندو هو؟

ج. حضرت عمر فاروقؓ روز رات جو اِن ڪري گشت ڪندو هو ته جيئن ماڻهن جي ڏک سک جي خبر پئجي سگهي.

4. ڌيءَ، ماءُ کي ڪهڙو جواب ڏنو؟

ج. ڌيءَ، ماءُ کي اهو جواب ڏنو ته ”اَمان ٻيو ڪير ته نہ، پر اَللہ ته ڏسي پيو!“

5. حضرت عمر فاروق رضہ ڇوڪريءَ جي شادي ڪنهن سان ڪرائي؟

ج. حضرت عمر فاروقؓ ڇوڪريءَ جي شادي پنهنجي پُٽ عاصم سان ڪرائي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. هڪ رات ___گشت___ ڪندي پاڻ ڪنهن گهر اڳيان لنگهيا.
2. نيٺ ماءُ کي ڌيءَ جي ___ڳالهہ___ مڃڻي پئي.
3. پاڻ رات جو ___مديني شريف___ جو گشت ڪندا هئا.
4. ان گهر ۾ ___ڪير___ وڪرو ٿيندو هو.
5. ايمانداري هڪ سٺو ___گُڻ___ آهي.

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| خليفو | خليفا | آوازُ | آوازَ |
| سٿو | سُٿا | ڳالھ | ڳالھيون |
| ايمانداري | ايمانداريون | نيڪي | نيڪيون |

## ر هيٺيان ابتڙ لفظ تير سان ملايو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| عورت | پٽ | سک | بد |
| ذيءُ | مرد | نيڪ | ڏک |

## ھ هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڏک | سک | چوڪرو | چوڪري |
| عورت | مرد | رات | ڏينھن |
| ملائڻ | جدا ڪرڻ | انسان | حيوان |

سبق 9

# ٻين جي مدد ڪرڻ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| لاڏاڻو ڪرڻ | وفات ڪرڻ | شمار | ڳڻپ |
| يارِ غار | غار وارو ساٿي | بالغ | وڏو/جوان |
| عادتن | خاصيتن | ڪمزور | هيڻو |
| سودو | سامان | مسڪينن | غريبن |
| سدائين | هميشه | روزانو | هر روز |
| عهدي | مرتبي | | |

### خلاصو

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه اسلام جا پهريان خليفا ۽ پاڻ صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جا سچا دوست هئا. هڪ ڏينهن ٻه ننڍڙيون يتيم ڀينريون حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه وٽ آيون جن ڪي هو ٻڪرين جو کير ڏهي ڏيندا هئا. انهن ڪين چيو ته هاڻي خليفا ٿي ويا آهيو هو اهو ڪم ڪيئن ڪندا. پاڻ چيائون ته پوءِ ڇا ٿي پيو! هو انهن جي مدد ڪندو رهندو. وڏي مرتبي تي پهچي ٻه ٻين جي ضرورت مدد ڪرڻ گهرجي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. مردن مان پهريان مسلمان ڪير ٿيو؟

ج. مردن مان پهريان مسلمان حضرت اَبوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه ٿيو.

2. حضرت ابوبڪر صديق رضہ يتيم ٻينرن جي ڪهڙي مدد ڪندا هئا؟

ج. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه يتيم ٻينرن ڪي ڪير ڏهي ڏيندا هئا.

3. يتيم ٻينرن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي ڇا چيو؟

ج. يتيم ٻينرن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي چيو ته جڏهن توهان خليفا نہ هوندا هئا ته اسان کي روزانو ٻڪريون ڏهي ڏيندا هئا. هاڻي توهين خليفا ٿي ويا آهيو ته پوءِ اسان کي ٻڪريون ڪير ڏهي ڏيندو.

4. هن سبق مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج. هن سبق مان اَسان کي اِها نصيحت ملي ٿي ته هميشہ ٻين جي مدد ڪرڻ گهرجي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. حضرت ابوبڪر ڏاڍين سٺين ___عادتن___ وارا هئا.
2. پوڙهن ۽ ڪمزور عورتن کي سندن ___ڪير___ ڏُهي ڏيندا هئا.
3. بالغ مردن مان پاڻ ئي سڀ کان اڳ ___مسلمان___ ٿيا هئا.
4. وڏي ___عهدي___ تي پهچي بہ ٻين جي مدد ڪرڻ گهرجي.
5. اسان کي گهرجي ته سدائين ٻين جي ___ڪَم___ اچون.

## (د) اکر ملائي لفظ ٺاهيو:

| | |
|---|---|
| ح ض ر ت | حضرت |
| ش م ا ر | شمار |
| س ا ر ي | ساري |
| ھ ا ٽ ي | ھاٽي |

## (ر) هيٺين لفظن کي ٻيهر صحيح ڪري لکو.

| غلط | صحيح |
|---|---|
| بانگ | ٻانگ |
| پوزحن | پوڙهن |
| صودو | سودو |
| خش | خوش |
| قمزور | ڪمزور |
| صدائين | سدائين |

# گلاب جو گل



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مزيدار | مزي وارو | مهندار | اڳواڻ پيشوا |
| سينگار | سونهن | پسند | وڻڻ |
| سُرهي | خوشبو | بوءِ | خوشبو |
| مددگار | مدد ڪندڙ | نروار | ظاهر |
| سُڳند | خوشبوءِ | رسايو | پهچايو |

**بيت:**

گلن ۾ گلابي مزيدار گل
چنبيلي ۽ موتيي جو مهندار گل

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”محمد صديق مسافر“ چوي ٿو ته گل سڀ سنا آهن پر گلاب جو گل مڙني کان بهتر آهي. چنبيلي ۽ موتيي کان به سنو آهي.

**بيت:**

وڻي واهه دل کي گلابي تو رنگ
ٿيو سونهن ساوڪ جو سينگار گل

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”محمد صديق مسافر“ چوي ٿو ته گلابي رنگ دل کي به ڏاڍو وڻندو آهي ۽ هر طرف خوبصورتي ساوڪ آهي پر هي گل ته ان ساوڪ جو به سينگار آهي.

**بيت:**

پڪي توڙي انسان سڀ ڪي پسند
ٿئي آدمين جو ڳچيءَ هار گل

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”محمد صديق مسافر“ چوي ٿو ته گلاب جو گل سڀني انسانن کي ته پسند آهي پر پکين به پسند آهي ۽ انهيءَ گل جو هار ٿاهي انسان پائيندا آهن.

**بيت:**

سندس بوءِ سرهي ۽ ڏاڍي سٺي
ڪري عطر کي ٿو هي نروار گل

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”محمد صديق مسافر“ الله سائينءَ جون ڀلايون ياد ڪندي چوي ٿو ته هي گلاب جو گل به پياري الله سائينءَ جي طرفان ڀلائي آهي ۽ اسان جڏهن به ڪنهن مريض کان طبيعت پڇڻ لاءِ ويندا آهيون ته ڪيس تحفي ۾ گلاب جو گل ڏيندا آهيون ته مريض کي ڏاڍو سٺو لڳندو آهي.

**بيت:**

گلن جيئن رسايو سڀني کي سڳند
ته هر ڪو اوهان سان ڪري پيار گل

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”محمد صديق مسافر“ اسان سڀني انسانن کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته گل وانگر ٿيو، جيئن گل پنهنجي کي توڙي پرائي کي خوشبوءِ ڏيندو آهي. اوهان به بنا ڪنهن فرق جي سڀني سان ڀلائي ڪريو. جي ائين ڪندؤ ته اوهان کي گل وانگر هر ڪو چاهيندو، هر ڪو پيار ڪندو.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سيني گلن جو اڳواڻ ڪهڙو گل آهي؟
ج. سيني گلن جو اڳواڻ گلاب جو گل آهي.

2. گلابي عطر ڪهڙي گل مان نهندو آهي؟
ج. گلابي عطر گلاب جي گل مان نهندو آهي.

3. اسان کي ڪيئن تيڻ کپي؟
ج. اَسان کي ﺑہ گُلن جيان تيڻ کپي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. گلن ۾ گلابي ـــمزيدارـــ گل.
3. وڻي واهه دل کي ـــگلابيـــ تو رنگ.
2. پکي توڙي انسان سڀ کي ـــپسندـــ.
4. ڪري ـــعطرـــ کي تو هي نروار گل.

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
| --- | --- | --- | --- |
| گُل | گُل | پلائي | پلايون |
| هارُ | هارَ | انسانُ | انسانَ |
| مريضُ | مريضَ | ڏاڍي | ڏاڍيون |

سبق 11

# گڏجي ڪم ڪرڻ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| پويان لڳڻ | پيڇو ڪرڻ | هجرت ڪرڻ | لڏڻ |
| انتقام | بدلو | هار | شڪست |
| منهن ڏيڻ | مقابلو | حملو ڪرڻ | ڪاهڻ |
| ڪڏ | ڪاهي | منصوبو | رٿ |
| گهري | اونهي | ميڙ | لشڪر |
| حفاظت سان | محفوظ | گڏري | ٽپي |

## خلاصو

هڪ ڀيري ڪافرن مديني تي حملو ڪيو. حضور ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم ڪافرن جي مقابلي لاءِ مشورا شروع ڪيا. آخر حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي کاهي کوٽڻ واري رٿ منظور ٿي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن پنهنجي ساٿين سان گڏجي کاهي کوٽي. ڪافر وڏي لشڪر باوجود ڪجھ نہ ڪري سگھيا ۽ کاهيءَ سبب واپس موٽي ويا.

## مشق

**1 هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. حضور ﷺ جي مديني لڏي اچڻ بعد ڪافرن ڪهڙيون جنگيون ڪيون؟

ج: حضور ﷺ جي مديني لڏي اچڻ بعد ڪافرن بدر ۽ اُحد جون جنگيون ڪيون.

2. پاڻ سڳورن ﷺ مسلمانن کي گھرائي ڇا پڇيو؟

ج: پاڻ سڳورن ﷺ جن مسلمانن کي گھرائي پڇيو تہ هاڻي ڪافرن جو مقابلو ڪيئن ڪرڻ گھرجي.

3. کاهي کوٽڻ جي رٿ ڪنهن پيش ڪئي؟

ج: کاهي کوٽڻ جي رٿ حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنه پيش ڪئي.

4. اها کاهي ڪنهن کوٽي؟

ج: اها کاهي سيني مسلمانن گڏجي کوٽي.

5. دشمن مديني شهر ۾ ڇو داخل ٿي نہ سگھيا؟

ج: اونهي کاهي ڏسي ڪافر اُتي ئي بيهي رهيا ۽ دشمن مديني شهر ۾ داخل نہ ٿي سگھيا.

6. هن واقعي مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج هن واقعي مان اسان کي اها نصيحت ملي ٿي ته هميشه ڳڌجي ڪم ڪيون ڇو ته ڳڌجي ڪم ڪرڻ ۾ فائدو آهي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1 پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي ساٿين سان ______ هجرت ڪري ويا.

(i) مڪي (ii) مديني ✓ (iii) دبئي

2 لڙائين جو بدلو وٺڻ لاءِ مڪي جا ڪافر وري ________ تي ڪاهي آيا.

(i) مديني ✓ (ii) مڪي (iii) جَدي

3 ڪاهي کوٽڻ جي رٿ ________________ ڏني.

(i) حضرت ابوبڪر (ii) حضرت مصعب (iii) حضرت سلمان فارسي ✓

4 ڪافرن پاڻ سان وڏو لشڪر آندو هو، پر اونهي ________ ڏسي اتي ئي بيهي رهيا.

(i) ڪاهي ✓ (ii) عمارت (iii) ندي

## د اکر ملائي لفظ ٺاهيو:

| | |
|---|---|
| ل ش ڪ ر | لشڪر |
| ڪ ا ف ر | ڪافر |
| پ ڇ ي و | پڇيو |
| ڪ ا ه ي | ڪاهي |
| ح م ل ي | حملي |
| ب ي ه ي | بيهي |

# سَچُ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ



| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مجلس | محفل | بريون | بڇڙيون |
| واعدو | انجام | عرض | درخواست |
| سوچيائين | خيالڪيائين | ڳالهائڻ | چوڻ |
| ڊوڙندو | ڊڪندو | نصيحت | هدايت |
| منجهان | وچ مان | سک | آرام |
| لڙائي | جهيڙو | رٿ | منصوبو |
| ڪاهي | خندق | ڪانسواءِ | ڪان علاوه |
| | حملو | ڪاهه | |

## خلاصو

هڪ دفعي حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن وٽ ڪچهريءَ ۾ هڪ شخص آيو ۽ برين عادتن مان هڪ کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ حڪم گهريائين.

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم ان کي ڪوڙ ڇڏي ڏيڻ لاءِ فرمايو.

رات جو ان ماڻهوءَ کي چوري ڪرڻ لاءِ خيال آيو، پر حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن سان ڪوڙ نه ڳالهائڻ جي واعدي ڪري ان ڪان باز رهيو ۽ ائين سڀ بريون عادتون ڇڏي ڏنائين. ٻئي ڏينهن ان حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن کي ٻڌايائون ته سندن هڪ نصيحت تي عمل ڪرڻ سان هن سڀ بريون عادتون ڇڏي ڏنيون آهن. اسان کي به ڪوڙ کان دور رهڻ گهرجي ۽ سدائين سچ ڳالهائڻ گهرجي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 نبي سڳوري ﷺ کي هڪ شخص ڪهڙو عرض ڪيو؟

ج نبي سڳوري ﷺ کي هڪ شخص اِهو عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ مون ۾ گهڻيون بُريون عادتون آهن جيڪڏهن حڪم فرمايو ته ڪا به هڪ ڇڏي سگهان ٿو.

2 نبي ڪريم ﷺ هن کان ڪهڙو واعدو ورتو؟

ج نبي ڪريم ﷺ هن کان ڪوڙ ڇڏي ڏيڻ جو واعدو ورتو.

3 رات جو ان شخص ڇا سوچيو؟

ج رات جو ان شخص چوري ڪرڻ جو خيال ڪيو، پوءِ سوچيائين ته جيڪڏهن پاڻ سڳورا ﷺ جن پڇندا ته سچ ڳالهائڻو پوندو.

4 ڪهڙي نصيحت سان هن منجهان سڀ ئي بريون عادتون نڪري ويون؟

ج ڪوڙ ڇڏي ڏيڻ جي نصيحت سان هن منجهان سڀ ئي بريون عادتون نڪري ويون.

## ج ابتڙ لفظ تير سان ملايو:

| | |
|---|---|
| گهٽيون | ڏينهن |
| رات | چڱيون |
| بريون | توريون |
| ڪوڙ | آيو |
| ويو | سچ |

(گهٽيون ← توريون، رات ← ڏينهن، بريون ← چڱيون، ڪوڙ ← سچ، ويو ← آيو)

## د اکر ملائي لفظ ٺاهيو:

| | |
|---|---|
| ح ض و ر | حضور |
| چ و ر ي | چوري |
| ٽ ڪ ر ي | ٽڪري |
| ڳھ ر ج ي | ڳھرجي |

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| عرض | حڪم | بريون | سٺيون |
| پوءِ | اڳ | صبح | شام |
| راضي | ناراض | حاضر | غائب |

سبق 13



# قائداعظم محمد علي جناح

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | | |
|---|---|---|---|
| شروعاتي | ابتدائي | | |
| هوشيار | چالاڪ | ولايت | ٻاهريون ملڪ |
| وڪالت | سفارت | محنت | ڪوشش |
| ڏاهپ | سياڻپ | ڪوشش | جستجو |
| لڳاتار | مسلسل | خدمت | ٽهل |
| لقب | صفتي نالو | ڄمار | عمر |
| عاليشان مقبرو | شاندار مزار | | |

## خلاصو

پاڪستان جو باني قائد اعظم محمد علي جناح ڪراچيءَ ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ ورتائين، اعليٰ تعليم لاءِ ولايت ويو ۽ قانون جي سَنَدَ حاصل ڪيائين.

هو تمام محنتي هو ۽ سڄي زندگي ڏينهن رات محنت ڪيائين. هن انگريزن کان مسلمانن کي آزادي ڏياري ۽ پاڪستان جو باني بڻيو. ملڪ لاءِ گهڻي محنت جي ڪري 73 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار ڪراچيءَ ۾ آهي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. قائداعظم شروع ۾ ڪٿي تعليم حاصل ڪئي؟

ج. قائداعظمؒ شروع ۾ سنڌ مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي.

2. تعليم پوري ڪرڻ بعد قائداعظم ڪهڙو ڌنڌو اختيار ڪيو؟

ج. تعليم پوري ڪرڻ بعد قائداعظمؒ وڪالت شروع ڪئي.

3. قائداعظم ڪهڙو ملڪ حاصل ڪيو؟

ج. قائداعظمؒ پاڪستان ملڪ حاصل ڪيو.

4. قائداعظم، قانون جو امتحان ڪٿان پاس ڪيو؟

ج. قائداعظمؒ، قانون جو امتحان ولايت مان پاس ڪيو.

5. قائداعظم جو سچو نالو ڇا آهي؟

ج. قائداعظمؒ جو سچو نالو محمد علي جناح آهي.

6. قائداعظم ماءُ کي ڪهڙو جواب ڏنو هو؟

ج. قائداعظمؒ ماءُ کي اِهو جواب ڏنو تہ: اَمان جيڪي ماڻهومحنت نہ ڪندا سي وڏي درجي تي ڪيئن پهچندا.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. قائداعظم محمد علي جناح، اسان جي ملڪ ________ جو بنياد وڌو.

(i) انگلستان (ii) تاجڪستان (iii) پاڪستان ✓

2. قائداعظم ________ شهر ۾ ڄائو.

(i) لاڙڪاڻي (ii) ڪراچي ✓ (iii) لاهور

3. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد وڌيڪ تعليم لاءِ هو ________ پڙهڻ ويو.

(i) جرمني (ii) افغانستان (iii) انگلستان ✓

4 قائداعظم وقت تي ______________ ويندو هو.

(i) اسڪول ✓ (ii) اسپتال (iii) گهر

5 قائداعظم جي معنيٰ آهي ______________.

(i) وڏو آفيسر (ii) وڏو اڳواڻ ✓ (iii) وڏو ماڻهو

## ح هيٺيان خال ڀريو.

1 قائداعظم ولايت مان ___قانون___ جو امتحان پاس ڪيو.

2 قائداعظم شروعاتي تعليم ___سنڌ مدرسي___ مان حاصل ڪئي.

3 هن جي ڪوشش سان اسان کي انگريزن کان ___آزادي___ ملي.

4 سندس خدمت عيوض قوم کيس ___قائداعظم___ جو لقب ڏنو.

# حيدرآباد جو سير





## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| گِهڙي | داخل ٿي | خيرخوبي | خيريت |
| دنگ | حيران | قبا | گنبذ |
| راڻي باغ | باغ جو نالو | ميوزيم | عجائب گهر |
| مجسما | بت | جاڳندا | جيئرا |
| مرڪز | وچ | ڪارخانا | فيڪٽريون |
| عمارتون | جڳهون | شاندار | عاليشان |
| لارين | گاڏين | پيڙ | مجموعو، رش |
| ڍير | ڍگ | پوسل | گهم |
| جيان | وانگر | ميسر | مهيا |
| فن ليند | مزي واري زمين | پَلو | مڇيءَ جو قسم |

## خلاصو

اونهاري جي موڪلن ڪان پوءِ استاد جي پڇڻ تي عزيز پنهنجي حيدرآباد جي سير بابت ٻڌايو هو موٽر ڪار ۾ ريلوي اسٽيشن، راڻي باغ، پڪو قلعو، اسٽيٽ بئنڪ جي عمارت، عيدگاهه، سنڌ عجائب گهر، ميرن جا قبا ۽ شاهي بازار گهميا، احسان استاد کي شهري ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ بابت ٻڌايو. هن مطابق شهر ۾ رهائش صفائي ۽ ٽرئفڪ جا مسئلا آهن پر اتي واپاري ۽ تعليمي ادارا آهن. عزيز چيو تہ شهرين جي صحت ڳوٺاڻن جي ڀيٽ ۾ سٺي ناهي. هن ٻڌايو تہ هو رات جو فن ليند، المنظر هوٽل، ڄامشوري ۽ ٻئي صبح جو سنڌالاجي ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ گهمڻ ويا.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اونهاري جي موڪل ڪهڙن مهينن ۾ ٿيندي آهي؟

ج. اونهاري جي موڪل جون ۽ جولاءِ ۾ ٿيندي آهي.

2. حيدرآباد ۾ ڪهڙيون مشهور جايون آهن؟

ج. حيدرآباد ۾ هي جڳهون / جايون مشهور آهن: شاهي بازار، ريڊيو اسٽيشن، ريلوي اسٽيشن، تاريخي پڪو قلعو، اسٽيٽ بينڪ وغيره .

3. راڻي باغ ۾ ڇا ڇا هوندو آهي؟

ج. راڻي باغ ۾ قسمين قسمين پکي ۽ جانور هوندا آهن.

4. شهرن جون جايون ۽ رستا ڪهڙي قسم جا هوندا آهن؟

ج. شهرن جون جايون ۽ رستا پڪا ۽ ڪشادا هوندا آهن.

5. ڳوٺن ۾ جايون ۽ رستا ڪيئن هوندا آهن؟

ج. ڳوٺن ۾ جايون ۽ رستا ڪچا ۽ ننڍا هوندا آهن.